SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXX مجريه 2021

# SINDHACT NO.XXX OF 2021

# سنڌ ڪانٽريڪٽ بنيادن تي مقرر ڪيل استادن جي مستقلي (ترميم) ايڪٽ، 2019

# THE SINDH REGULARIZATION OF TEACHERS APPOINTED ON CONTRACT BASIS (AMENDMENT) ACT, 2019

## فهرست(CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.2018 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XVII جي تمهيد جي ترميم

Amendment of Preamble of Sindh Act No.XVII of 2018

3.2018 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XVII جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of the Sindh Act No.XVII of 2018

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXX مجريه 2021
# SINDHACT NO.XXX OF 2021
# سنڌ ڪانٽريڪٽ بنيادن تي مقرر ڪيل استادن جي مستقلي (ترميم) ايڪٽ، 2019
# THE SINDH REGULARIZATION OF TEACHERS APPOINTED ON CONTRACT BASIS (AMENDMENT) ACT, 2019

[5 آگسٽ 2021]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ڪانٽريڪٽ بنيادن تي مقرر ڪيل استادن جي مستقلي ايڪٽ، 2018 ۾ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ڪانٽريڪٽ بنيادن تي مقرر ڪيل استادن جي مستقلي ايڪٽ، 2018 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ ڪانٽريڪٽ بنيادن تي مقرر ڪيل استادن جي مستقلي (ترميم) ايڪٽ، 2019 سڏيو ويندو.

commencement

(2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2018 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XVII جي تمهيد جي ترميم
Amendment of Preamble of Sindh Act No.XVII of 2018

2.سنڌ ڪانٽريڪٽ بنيادن تي مقرر ڪيل استادن جي مستقلي ايڪٽ، 2018 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي تمهيد ۾، انگن "2014" کانپوءِ ڪاما، انگ ۽ لفظ "2015، 2016 ۽ 2017" شامل ڪيا ويندا.

2018 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XVII جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of the Sindh Act No.XVII of 2018

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 2 ۾، شق (e) لاءِ هيٺين متبادل هوندي:

"(e) "استاد" مطلب هڪ شخص جيڪو سال 2013، 2014، 2015، 2016 ۽ 2017 ۾ نيشنل ٽيسٽنگ سروس (اين ٽي ايس) ذريعي استاد جي ڀرتي پاليسي (ٽي آر پي-2012) تحت ۽ ٽي آر پي-2008 تحت سنڌ يونيورسٽي ۽ اقرا يونيورسٽي ذريعي مقرر ڪيل استادن طور پرائمري، جونيئر ۽ هاءِ اسڪول ٽيچر طور ڪانٽريڪٽ بنيادن تي ڀرتي ڪيو ويو هجي.

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**